

مؤلف

السید محمد دهلوی

# دربار محمدی

در

غدیر خم

قیمت ۰-۱-۰

# رسول ڪريم صلعم جو آخري حج

پيغمبر آخرالزمان عليه الصلوات والسلام جو قافلو ارڪان حج بجا آڻڻ بعد مڪه معظمه مان روانو ٿي غدير خم جي وادياسي ميدان ۾ پهتو ته جبرئيل امين بحڪم رب الجليل آيت تبليغ آندي "يا ايها الرسول بلغ ما انزل اليڪ من ربڪ فان لم تفعل فما بلغت رسالته والله يعصمڪ من الناس" يعني اي رسول پهچائي ڏي اهو (حڪم) جو تنهنجي رب جي طرف کان نازل ٿيو آهي، جيڪڏهن اهو فعل نه ڪيئه ته گويا رسالت جو حق ئي ادا نه ڪيئه، ماڻهن (جي مخالفت) کان آءٌ اوهانکي محفوظ رکندس.

حڪم الاهي جي نازل ٿيڻ شرط سرڪار رسالت جي طرف کان منادي ٿي ته جيڪي حاجي پوئتي آهن اهي جلد اچن جيڪي اڳتي وڌي ويا آهن سي پوئتي موٽن جو الله تعاليٰ عزوجل جو حڪم پهچائڻو آهي. سو سج عروج کان ٿيو ۽ زوال کي پهتو هو يعني اٽڪل ١ بجه ڏينهن جو وقت هو ته سڀ حاجي اچي ڪٺا ٿيا. پاڻ سيدي کي ان تتل زمين تي وهڻ

جو حڪم ڪيائون، سڀ ماڻهو ويهي رهيا. اُٺن جي
پلاڻن جو منبر ٺاهي پيغمبر صلعم ان تي رونق افروز
ٿيو ۽ فصيح ۽ بليغ خطبو ادا ڪرڻ سان حضرت علي
عليه السلام کي سڏي پاڻ وٽ ڀلايو ۽ سندن هٿ وٺي
ايترو مٿي ڪيو جو حاضر ماڻهن حضرت علي عليه السلام
جي بغل جي سفيدي ڏٺي. جناب پيغمبر صلعم انهيءَ
ئي منبر تي فرمايو "الست اولي بڪم من انفسڪم"
يعني آءٌ اوهان سڀني جي نفسن کان اولي (وڌيڪ) نه
آهيان؟

سڀني جواب ڏنو "قالوا بلي انت اولي مني و
ابي و امي" يعني اوهان اسان کان ۽ اسان جي پيءُ ۽ ماءُ
کان اولي (وڌيڪ آهيو). تڏهن نبي ڪريم صلعم حضرت
عليءَ جو هٿ وٺي فرمايو "من ڪنت مولاه فهاذا
علي مولاه. جنهن جو آءٌ مولا آهيان تنهن جو هي علي
مولا آهي. پوءِ يڪدم فرمايائون "اللهم وال من
والاه و عاد من عاداه و انصر من نصره و اخذل من
خذله" يعني خدايا دوست رک ان کي جو عليءَ کي
دوست رکي ۽ دشمن رک انکي جو عليءَ کي دشمن
رکي، نصرت ڪر انجي جو عليءَ جي نصرت ڪري
۽ ڇڏي ڏي انکي جو عليءَ کي ڇڏي ڏئي. ائين فرمائي
منبر تان لٿا ۽ ماڻهن ۾ مبارڪباد جو غل مچي ويو ۽
سڀني حضرت علي عليه السلام کي مبارڪون ڏنيون. حضرت عمر

رضي الله عنه به چيو "بخ بخ لک يا علي انت مولاي
ومولي کل مؤمن و مؤمنة" مبارڪ هجي توکي،
مبارڪ هجي توکي يا علي جو تون منهنجو ۽ کل مؤمن
۽ مومنات جو مولا مقرر ٿيو آهين."

ڏسو مشڪات المصابيح باب مناقب علي، تفسير
ڪبير ڇاپو ڪلڪتو صفحو ٦٣٦ ۽ مولوي عبيدالله
امرتسري ع جي تاريخ ارجح المطالب ڀاڱو ٻيو صفحو
١٨٤ کان ٢٢٨ تائين جنهن جا راوي ـ حضرات اصحاب
ثلاثه آهن."

علامه همداني جو حضرات اهلسنت جو مشهور عالم
آهي، سو پنهنجي ڪتاب مودت القربيٰ جي باب ٥
۾ حضرت عمر رض جي روايت سان لکيٿو "رسول
خدا صلعم علي ع کي هدايت جي نشان طرح مقرر ڪيو
۽ ارشاد ڪيائون ته جنهنجو آءٌ مالڪ مختيار آهيان
تنهنجو علي به مالڪ ۽ مختيار آهي ـ اي خدا جيڪو
انهي ع کي دوست رکي تنهنکي تون به دوست رکج
۽ جيڪو انهي سان دشمني رکي تنهن سان تون به
دشمني رکج ۽ جيڪو انهي ع جي مدد ڪري تنهن
جي تون به مدد ڪج. اي خدا تون انهي تي منهن
جو شاهد رهج." انهي ع حديث جو راوي حضرت عمر
بن خطاب بيان ٿو ڪري ته انهي ع وقت منهن جي
پاسي ۾ هڪڙو نهايت خوبصورت ۽ پاڪيزه جوان

بيٺل هو، انهيءَ مون کي چيو ته اي عمر (رض) اللہ رسول خدا (صلعم) پنهنجي سوٽ لاءِ هڪڙي ڳنڍ ٻڌي آهي جنهنجي نسبت ۾ چيو اٿس ته منافق کان سواءِ ٻيو ڪو به اها ڳنڍ نه کوليندو، اي عمر (رض) خبردار اها ڳنڍ تون متان کولين. حضرت عمر چوي ٿو ته مان رسول خدا کي عرض ڪيو ته جڏهن اوهان سوڌو عليءَ بابت ذڪر پئي ڪيو تڏهن منهنجي پاسي ۾ هڪڙو نهايت خوبصورت ۽ پاڪيزه جوان موجود هو جنهن هيئن چيو. حضرت جن فرمايو ته اي عمر هائو، اهو آدم جي اولاد مان ناهي پر اهو جبرئيل هو، انهيءَ جو مطلب هو ته جيڪي مون عليءَ جي باب ۾ چيو آهي تنهن بابت توکي تاڪيد ڪري" (اهو آهي ترجمه مودت القربيٰ جو)

غديري اجلاس جي ختم ٿيڻ بعد آيه تڪميل نازل ٿي "اليوم اڪملت لڪم دينڪم واتممت عليڪم نعمتي ورضيت لڪم الاسلام دينا" يعني هن ڏينهن مون دين کي ڪامل ڪيو ۽ تمام نعمتون دين تي نازل ڪيم ۽ دين اسلام کان راضي ٿيس. ڏسو تفسير درمنثور علامه سيوطي ۽ فردوس الاخبار.

ان کان بعد قافلو اڳتي روانو ٿيو ۽ سڀڪو پنهنجي پنهنجي ڳوٺ هليو ويو. اها خبر ملڪ بملڪ مشهور ٿي وئي ته پيغمبر صلعم حضرت علي عليه السلام کي

امت جو مولا مقرر ڪيو آهي. حارث بن نعمان فهري جو حضرت علي عليہ السلام جو سخت دشمن هو سو انهيءَ خبر ٻڌڻ شرط غصي ۾ ڀاڙ هو ٿي ويو ۽ پنهنجيءَ اٺ تي سوار ٿي مدينہ منوره ۾ آيو ۽ اٺ کي مسجد نبويءَ جي ٻهران وهاري ان جاءِ تي جتي پيغمبر اسلام عليہ الصلوات والسلام رونق افروز هو. گستاخانہ لهجي ۾ چوڻ لڳو اوهان نماز، روزه، جهاد، حج وغيره جو حڪم ڏنو اسان بجا آندو، هاڻي وري پنهنجي سوٽ عليءَ کي افضل ۽ حاڪم مقرر ڪرو ٿا سو ڇو؟ پيغمبر صلعم فرمايو منهن جا سڀ حڪم مطابق وحيءَ جي آهن. انتي هو ڪاوڙجي چوڻ لڳو تہ جي اهو حڪم برحق خدا جو آهي تہ هنتي آسماني عذاب نازل ٿئي. اڃان چوندو ئي اٿي اٺ تائين پهتو ئي مس تہ آسمان مان هڪ پٿر ڪريو جو هنجي مٿي ۾ لڳي هيٺان نڪري ويو ۽ هي اتي جو اتي عذاب الاهيءَ ۾ گرفتار ٿي مري ويو. ان واقعہ جي ذريعہ ۾ قرآن مجيد جي آيت "سال سائل بعذاب واقع" نازل ٿي جنهنجي تفسير ۽ تواريخن ۾ اهو ذڪر موجود آهي. ڏسو حضرات اهلسنت جا ڪتاب:- (١) تفسير ثعلبي امام ابو اسحاق (٢) تذڪره خواص الائمہ علامہ سبط ابن جوزي (٣) جواهر العقد بن علامہ سمهودي (٤) ڪفايت الطالب علامہ حافظ محمد بن يوسف ۽ ٻيا.

اِهو آهي مختصر واقعه حجة الوداع کان مدينه
منوره پهچڻ جو. ان کان قريبا سوا ٻه مهنا بعد پيغمبر
صلعم جو انتقال ٿيو.

نتيجي ۾ هيٺيون ڳالهيون غور طلب آهن، جنتي
ويچار ڪرڻ خواه نه ڪرڻ ناظرين ڪرام تي ڇڏيل
آهي. سڀ احڪام اسلامي مثلا حج، روزه، نمازون،
زڪوات ۽ جهاد وغيره مسلمانن تائين گهڻو اڳ پهچي
چڪا هوا ۽ مسلمان انهنتي عمل به ڪري رهيا هوا،
جنمان جهاد اهڙو سخت حڪم آهي جنهن ۾ جان جو
خوف به دامنگير رهيتو نه به ڪلام الاهيءَ ۾ ڪوبه
اهڙو تاڪيدي حڪم نازل نه ٿيو جهڙو آية تبليغ
۾ نازل ٿيو نه جي اهو حڪم پڄايو نه ويو نه گويا
رسالت جو حق تي ادا نه ٿيو انمان صاف ظاهر آهي
نه غدير وارو حڪم سڀني احڪامن تي فوق تو رکي
۽ تبليغ رسالت جو دارو مدار به ان حڪم جي پهچائڻ
تي منحصر آهي. اينتري اهميت ان حڪم کي جو ڏني
وئي سو ڇو؟ محض هنڪري نه مالک حقيقي جناب
پيغمبر صلعم کي رسالت جي عهده تي هنڪري فائز
ڪيو نه مخلوق پنهنجي خالق جي معرفت حاصل ڪري
۽ انکي حاڪم حقيقي ڄاڻي ڏيني احڪامن جي بجا آوري
ڪري. انگاه قدرت ان ڳالهه کي محسوس ڪيو نه
جيسين نبي نما نبيءَ جو جانشين مقرر نه ٿيندو ليسين

٢٣ ورهين جي رسول ڪريم صلعم جي تبليغي ۽ عملي
پورهيو رائيگان ٿي ويندو. مثال طور هڪ عادل
بادشاهه سڄي عمر ملڪ جي سرداري ۽ رعيت کي آرام پهچائڻ
۾ هڪ دقيقو به فروگذاشت نه ڪيو هجي ۽ انجي
عمر جو پيالو لبريز ٿي چڪو هجي فقط چاڪڻ جي
دير هجي نه ان کي هڪ ئي خيال دامنگير هوندو ته
منهنجي عمر جي ڪمائي ضايع ٿي ويندي جيسين ڪ
ان جهڙو لائق فائق انجو جانشين نه هوندو انڪري
هر بادشاهه نواب، راجا وغيره لائق جانشين جي فڪر
۾ رهندا آهن ۽ بالا حڪومت به انهنجي ولي عهدن
کي حڪومت هلائڻ جي زوري تعليم ڏياريندي
آهي هن لاءِ ته اوهي باقاعده انتظام رکڻ جا اهل بنجن
اهڙا مثال به تاريخ عالم مان ظاهر آهن ته پوري
لياقت نه رکندڙ جانشين جڏهن ڪڏهن تخت تي ويٺا
آهن ته پنهنجن وڏن جو نام و نشان ۽ حڪومتون به
وڃائي ويٺا آهن، انڪري بادشاهن جي بادشاهه کي به
اها ڳالهه محسوس ٿي جڏهن پنهنجي رسول (صلعم)
کي حڪم ڪيو ته جانشين مقرر ڪر.

پوءِ جڏهن رسول ڪريم صلعم کي ان امر جي پهچائڻ
جو حڪم مليو ۽ تاڪيد به ٿيو ته جي اهو حڪم نه
پهچايو ويو ته گويا ٢٣ ورهين جي تبليغ جو حق ئي ادا
نه ٿيو. ان مان پڌرو آهي ته هڪ طرف ٢٣ ورهين

وادي آيت جو حڪم
جي تبليغ ۽ ٻئي طرف غدير
ڏوريو وڃي ته ان حڪم جو بار ٢٣ ورهن جي تبليغ
کان ڳرو ثابت ٿيندو ڇو ته جانشين جي مقرريءَ کان
سواءِ رسالت جي تبليغ ۽ محنت رائگان ٿي وڃڻ جو
امڪان آهي جنهن جي تصديق هن حديث "من مات ولم
يعرف امام زمانه فقد مات ميتة الجاهلية" ڪافي
آهي جنهن جو مطلب آهي ته وقت جي امام يا رسول
ڪريم صلعم جي جانشين ۽ خليفه جي معرفت حاصل
ڪرڻ کان سواءِ جيڪو به مرندو سو جاهليت جي
موت مرندو. اها حديث سني ۽ شيعه ٻنهي وٽ
صحيح ۽ معتبر آهي. اگرچه الله ۽ رسول جي معرفت
بدرجه اولي آهي ته به وقت جي امام جي معرفت
ڌاران الله ۽ رسول جي معرفت ڪو به فائدو پهچائي نه
ٿي سگهي ورنه موت جهالت تي ٿيڻ جو ڪهڙو سبب؟
اهو ئي باعث آهي جو برادران اسلام به رسول ڪريم
صلعم جي جانشين جي مقرريءَ ۾ ڪافي زور ٻئي ڏنو
آهي ۽ ڪيترن عالمن کي خلافت تحريڪ وقت دائره
اسلام کان دور ڪري انهن تي جهالت جون فتوائون
ٻئي لڳايون. تفاوت فقط اهو هو جو انهن صاحبن
پنهنجي اختيار تي سلطان ترڪيءَ کي خليفة المسلمين
نامزد ڪري انهي نه مڃڻ وارن تي جهالت جا ووٽ
پاس ڪيا ۽ سنڌ مذهب جي ڪيترن عالمن کي مٿي

ان ڪل حديث جي آخر ۾ جاهل سمجهي ڪيدي ڏيو. شيعه بلا اختلاف انهن حضرات کي، تا امام ۽ خلفاء رسول تسليم ڪن جن جي نامزدگي آيه تبليغ کان ٿي شروع ٿئي.

آنحضرت صلعم کي ان حڪم جي پهچائڻ تي مسلمانن ۾ اختلاف پيدا ٿيڻ جو علم هو ۽ اختلاف اهڙي ٿي آهي جنهنکي الله تعاليٰ ته هرگز پسند نٿو ڪري ٿي هوندي ته اهو حڪم قدرت جي نگاهه ۾ اهڙو ۽ ضروري هو جو آنحضرت صلعم کي حڪم ٿيو اختلاف پيدا ٿئي ته ٿيڻ ڏيو ليڪن اهو حڪم ضرور پهچايو جو دين جو دارو مدار ان تي منحصر تي، ماڻهن کان آءٌ اوهان کي محفوظ رکندس.

هاڻي آيه تبليغ جي آخرين جملي "والله يعصمك من الناس" ماڻهن کان آءٌ اوهان کي محفوظ رکندس تي ڪبو ته مقصد جي حل ٿيڻ ۾ ڪافي روشني ندي. الله تعاليٰ عز وجل جي علم ۾ ته اها ڳالهه هئي آيه تبليغ پهچائڻ تي ماڻهن ۾ اختلاف پيدا ٿيندو ن آيت جي آخرين جملي ۾ تسڪين نازل ٿي. جي اختلاف پيدا نه ٿئي ته گويا قرآن جو اهو جملو ن اي مطلب ۽ زائد ٿيو جو ڪلام الاهيءَ جي شان ن صريح خلاف آهي. هاڻي ڏسو ته اختلاف

پيدا ٿيو يا نه؟ ٿيو بيشڪ ٿيو ۽ اهڙو ٿيو جنهن لکين مسلمانن جا بيگناه خون وهائي ڇڏيا. انهي جي تائيد ۾ سنت جماعت جي ڪتاب مودت القربيٰ جي باب ۹ ۾ ”جابر انصاري روايت ٿو ڪري ته حضرت صلعم چئن فرمايو ته: اسلام ۾ پهريون رخنو علي ۽ جي مخالفت آهي. اختلاف جي شروعات حارث بن نعمان فهري ۽ کان ٿي جو ڪلي مخالفت ڪري عذاب ابدي ۾ گرفتار ٿي اتي جو اتي مري ويو (ڏسو تفسير آيت ”سال سائل بعذاب واقع“ پ ۲۹)

انهي موت تي ماڻهن کي عبرت جو سبق سکڻ کپي ته ته آيت تبليغ جي منڪرن لاءِ سزا قدرت جي طرف کان اهائي آهي جهڙي حارث بن نعمان فهري ۽ کي ملي. پر تعصب اهڙي بڇڙي بلا آهي جا حق ۽ ناحق کي پروڙي نه ٿي سگهي - ان قرآني جملي جو اثر اڄ تائين هليو اچي ۽ جهڳڙو، فساد، وير ۽ دوئي ۽ دشمني ۽ ڇڪتاڻ جيڪا به آهي سا نه نماز تي نه روزه تي نه حج تي، فقط حضرت علي عليه السلام جي مولائيت تي آهي جو اختلاف صاف ثابت ڪري ٿو ته غدير وارو حضرت علي عليه السلام جي مولائيت جو اعلان پيغمبر صلعم خدا جي حڪم سان ڪيو ۽ اختلاف خدا جي

ڪلام "والله يعصمڪ من الناس" جو اثر آهي جو اڄ
ڏاڍين هليو اچي. پوءِ به انهن سمجهڻ ته پيغمبر صلعم
ڪنهن کي به پنهنجو جانشين ۽ خليفو مقرر ڪري نه
ويو سراسر حڪم الاهيءَ جي انحرافي آهي.

ڪن پڙهيلن ماڻهن ڏٺو ته غدير واري مولائيت جو
اعلان اهڙو مستند ۽ روشن آهي جنهن کان انڪار
ڪرڻ اهڙو آهي، جهڙو سج کي ڪاري هيٺ لڪائڻ،
تڏهن وڪڙ ڏئي واقعه کي قبول ڪري مولا جي
معنيٰ دوست مشهور ڪري چوڻ لڳا ته پيغمبر صلعم
فرمايو آهي جنهن جو آءٌ دوست آهيان تنهنجو علي
به دوست آهي. انهيءَ حجت کي به ڪسوٽيءَ تي
چڙهي ڏسو ته حضرت علي عليه السلام کي برابر دوست
جاڻن ٿا يا اهڙا به آهن جي دوستيءَ جي پردي ۾ دشمني آهي.

ديده و دانسته دشمن اور چيز

دوست کے پردہ میں دشمن اور چيز

دوست کي ڪو گاريون ڏئي يا ڏياري ته انکي
دوست سمجهي يا دشمن؟ سڀڪو چوندو ته
گاريون ڏيندڙ، ڏياريندڙ ۽ خوش ٿيندڙ سڀ دشمن
آهن، چاڪاڻ ته سچو دوست به دوست آهي ۽ پر
دوست جو دوست به دوست آهي ۽ دشمن جو دشمن
به دوستيءَ جي لسٽ ۾ اچي ٿو. علي هذا القياس دشمن

ته سڄي طرح دشمن آهي ۽ دشمن جو دوست به
دشمن آهي ۽ دوست جو دشمن به دشمن آهي.

هاڻي ڏسڻو آ ته جيڪي چونٿا ته نبي ڪريم
صلعم فرمايو ته جنهنجو آءٌ دوست آهيان تنهنجو علي
به دوست آهي سي حضرت علي عليه السلام ۽ سندن دوستن
کي ڪٿا دوست ڄاڻن يا سندن دشمن کي! هيءَ ڳالهه
ثابت آهي ته حضرت علي عليه السلام کي مسجدن ۾
منبرن تي مسلمانن جي قبول ڪيل اڳوان گاريون ڏياريون،
خطبن ۾ گاريون ڏنيون ۽ نماز پڙهندڙن
گاريون ڏنيون، تن سيني کي حضرت علي عليه
السلام جا دشمن ڪٿا ڄاڻن يا گاريون ڏياريندڙ کي مذهبي
پيشوا ۽ رسول ڪريم صلعم جو جانشين ڪٿا تسليم ڪن

اسان کي اهڙو ڪو به ڪتاب انهن حضرات جي
عقيدي جو ڏسڻ ۾ ڪونه آيو آهي جنهن ۾ انهن گارين
جي رسم جاري ڪندڙ کي حضرت علي عليه السلام جو
دشمن لکيو هجي، باقي ائين آهي ته حضرت امام حسين
عليه السلام کي خلفاء رسول جي لسٽ ۾ داخل نه ڪيو اٿن
۽ يزيد پليت کي داخل به ڪيو اٿن ۽ ان لاءِ هڏ به گهٽ ڏي
تو ڪرڪين تنهن مان پڌرو آهي ته نبي ڪريم صلعم
جي حديث "من ڪنت مولاه فهاذا علي مولاه" کي ۽
دل سان ڪٿا مڃين ۽ مولا جي معنيٰ دوست به رکيو زبان

سان چوائتا ۽ حقيقت ڪري دوست انجا آهن جن گادين جي رسم جاري ڪرائي آهي. يار چوائي سيکو جاني زباني، آهي آساني ۽ ڪم پئي تي ڪل پوي. هتي بواول جي معنوا حاڪم آهي جنهنکي تعصب وچان دوست مشهور ڪري مفت ابو جهن کي گمراه ڪيو اٿن.

مولا جي معنوا تي جناب مولانا ابن حسن صاحب جارچوي سندس تقرير ۾ ڪافي روشني وڌي آهي جا نظامي جنتري ۾ شايع ٿي آهي جنهنجو ترجمو سيٺ حاجي بخشعلي صاحب خواجه زميندار ميرپور بٺورو جي سنڌي ۾ ڪيو آهي جو ناظرين جي معلومات لاءِ پيش ٿو ڪجي. (خادم الملت)

محمد هاشم عرف مووه خان

جائنت سيڪريٽري انجمن اماميه سنڌ.

## سيٺ حاجي بخشعلي صاحب جو ترجمو

# آخرين حج مقام غدير خم

از علامه سيد ابن حسن صاحب رضوي (جارچوي)

پرنسپل شيعه ڪاليج لکهنو

مترجم حاجي بخش علي خواجه

ساڍا تيرهن سؤ ورهيه اڳي غدير خم جو واقعو

وقت جي گذرڻ ۾ دير نه ٿي لڳي ڪلاڪ ڏينهن ۾ ڏينهن هفتن ۾ هفتا مهينن ۾ تبديل ٿيندا هلندا. ٻارهن مهينن سان هڪ سال ٿئي ٿو سؤ سال گڏجي هڪ صدي جي صورت اختيار ڪن ٿا.

آه! هي بي رحم وقت ڪيترو نه جلد باز آه جنهن کي موٽر ۽ صبا رفتار هوائي جهاز به پهچي نٿو سگهي، اڄ ساڍن تيرهن سؤ ورهين جو حجاب اکين اڳيان ڪڍي ٿوري دير لاءِ ماضي جي طرف موڙي ڏسون. ١٨ ذوالحج، سخت اس، لڪ جو وقت. تتل ريتي ننڍڙو تلاءُ. ڪنڊين جا ٿورا وڻ. هڪ لک چوويهه هزار مسلمانن جو مجموعو جنهن ۾ جمله اصحاب، قبيلا جا رئيس، امهات المومنين ۽ اهلبيت ڪرام موجود آهن. اُٺن جي پلاڻن جو منبر جنهن تي رسول اسلام جلوه افروز آهي علي المرتضيٰ کي ٻانهن کان وٺي مٿي ڪڍي فرمائي رهيا آهن. "من ڪنت مولاه فهاذا علي مولاه"

قريش رسول عربي کي مجنون چئو ندا هوا. پادرين جو خيال هو ته ذاتي اغراض ۾ مبتلا آهن. خدا يا! ڇا هنجي ڪا اصليت به آهي. مسلمانو! طرفداري جو خيال ڇڏي خدا لڳ چئو ته رسول تتل اس ۾ هڪدم اُٺ تان لهي اڳتي وڌي ويل وارن کي پٺيان موٽڻ ۽ پويان رهيل کي اڳتي اچڻ جي دعوت

ڏني- ڪنهن فرش تي نه بلڪ تتل وادي تي ويهڻ
جو حڪم فرمايو. منبر موجود نه هو ته اُٺن جي پالاڻن
جو منبر ٺاهيو. هڪ لک چوويهه هزار مرد ۽ عورتن
آواز طرف اکيون ۽ ڪن ڪڙا ڪيا ته هن اهتمام سان
آخر اسان کي ڪهڙي ضروري ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي.
آخرين حج جي موقعي تي جو خطبو پڙهيو ويو آهي ان
۾ تمام ارڪان دين بيان ٿي چڪا آهن. وڌيڪ بيان
لاءِ ڇا رهجي ويو جو هن ئي موقعي بيان ٿو ڏجي.
ڪن ۾ آواز ٿو اچي ته، جنهن جو آءٌ دوست آهيان
اُن جو علي به دوست آهي. ٻڌايو ته اهڙي رسول
کي پناه بخدا جيڪڏهن معاذ الله مجنون يا مريض الفت ماڻهو
چون ته ڇا ڪجهه تعجب آهي؟ "علي" سڀني مسلمانن جو
دوست آهي. هن خبر جي ايتري اهميت ڇو هئي
جو وات هلندي تتل اُس ۾ انجو اعلان ڪيو
وڃي ٿو. مدينو منوره ڪو ڏيان پري ڪنڌ نه هو
جتي پهچي واضح ٿي سگهيو ٿي. يا ڀائي اُنجي سامهون
منزل جي تڪليف کان مايوس ٿي چئي ڏين ته اسان
جو وقت ضايع ڪيو ويو هن کان ڏيادو اعلان ته قرآن
۾ موجود آهي ۽ حج جي موقعي تي پاڻ هنکي دهرائي
چڪا آهن. انما المومنون اخوة. مومن سڀئي پاڻ
۾ ڀائر آهن دوست جي لفظ ۾ ڪهڙي اهميت
هئي جو ماڻهو علي کي مبارڪ باد ڏيڻ لڳا.

بخ بخ لڪ يا علي لقد اصبحت مولاي و مولا ڪل مومن
و مومنه. ڇا سڀني مسلمانن کي خدانخواسته ديوانگي
ڪائي ورتي. اسان جي ساده طبيعت رسول اسلام تي
هڪ طرف رهيا غير کي خود خداوند عالم تي مضحڪه
جو وجهه ملي رهيو آهي. پڙهو اهو خطبه جو رسول
خدا آخرين حج ۾ ارشاد فرمايو هو. اصول و فروع
دين ۾ ڪا اهڙي شي باقي نه رهي آهي جنهن جو
اعلان هن ۾ موجود نه آهي. پوءِ خدا کي ڇا ٿي
ويو آهي جو فرمائي رهيو آهي.

يا ايها الرسول بلغ ما انزل اليڪ من ربڪ وان
لم تفعل فما بلغت رسالته والله يعصمڪ من الناس.

ترجمه:- اي رسول پهچائي ڏي جيڪو توتي پهنل
آهي پيغام تنهنجي رب جي طرف کان جيڪڏهن تو ا
پهچايو نه ته رسالت جو فرض ادائي نه ڏو. الل
توکي (شر) ماڻهن کان امن ۾ رکندو.

هي ڇا ٿي ويو الله کي جو هڪ معمولي اعلان
کي ايڏي قدر اهميت ڏيئي رهيو آهي ته رسول
جي ورهين جي تبليغ رسالت هنجي اڳيان وقعت ئي
رکي. جيڪڏهن الله ۽ رسول پاڪ کي (معاذالله) تلون
مزاجي ۽ پريشان خيالي جي الزام کان بچائڻو آهي ته
پوءِ تاويلن جي گورکه ڌنڌي ۾ سرگردان رهڻ وارا
مسلمانو! اچو ۽ حقيقت جي سامهون مٿو جهڪايو ته.

هي علي جي ولايت جو اعلان هو ۽ جهڙي طرح خدا ۽ رسول اوليٰ بتصرف آهن اهڙي طرح علي به اوليٰ بتصرف آهي، تڏهين ته اهڙو وڏو اهتمام ڪنهن مهتمم بالشان اعلان لاءِ ڪيو ويو. عمدة القاري في شرح صحيح بخاري ۾ هي روايت موجود آهي.

| | |
|---|---|
| معناه بلغ ما أنزل اليک في فضل علي بن ابيطالب فلما نزلت هذه الآيت اخذ بيد علي و قال من کنت مولاه فعلي مولاه. (عمدة القاري في شرح بخاري) | آيه بلغ جي معنيٰ ۾ هي آهي ته اي رسول هن حڪم کي پهچائي ڇڏيو جو تو ڏانهن رب، علي ابن ابيطالب جي فضيلت ۾ نازل فرمايو آهي. جڏهن هي آيت نازل ٿي ته رسول خدا جن علي جو هٿ جهلي ارشاد فرمايو جنهنجو آءٌ مولا آهيان ان جو علي به مولا آهي. |

مسند امام احمد بن حنبل ۾ واقعه غدير خم جي سلسلي ۾ لکيل آهي.

الستم تعلمون اني اولى
بالمؤمنين من انفسهم قالو
بلى قال انتم تعلمون اني
اولى بكل مؤمن من انفسه
قالوا بلى فقال من كنت مولاه
فعلي مولاه.

رسول الله جن ٻه دفعا
فرمايو ته ڇا توهين نه ٿا
ڄاڻو ته آءٌ مؤمنين جي لاءِ
سندن نفسن کان اولى آهيان
سڀني عرض ڪيو بيشڪ
تڏهن حضرت فرمايو ته آءٌ
جنهنجو مولا آهيان علي ۽
انهو مولا آهي.

هاڻ عقل سليم جي لاءِ لفظ مولا جي معنى سمجهڻ ۾ نهايت آساني آهي ۽ هي ۾ آساني سان معلوم ڪري تو سگهجي ته هن حقيقت بعد خداوند عالم اليوم اكملت لكم دينكم واتممت عليكم نعمتي. (اڄ مون توهان لاءِ دين کي ڪامل ڪيو ۽ پهنجي نعمت کي توهان تي پورو ڪيو) ڇا لاءِ ارشاد فرمايو.

ا- هن خطبه جا مختلف اجزا مختلف ڪتابن ۾ ملن ٿا. مولوي شبلي نعماني صاحب سيرت النبي ۾ هنن جزن کي جمع ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

الا كل شيء من امر
الجاهلية تحت قدمي موضوع
(بخاري - مسلم - ابو داود)

هاڻ جاهليت جا سڀئي
دستور منهنجي پيرن هيٺان
هيٺ آهن.

ليس للعربي فضل على العجمي ولا للعجمي على العربي كلهم ابناء آدم و آدم من التراب. (عقد الفريد خطب نبوي.)

نه آهي فضيلت ڪنهن عرب کي عجمي تي نه عجمي کي عرب تي اوهين سڀ آدم جو اولاد آهيو آدم مٽي مان ٺهيل هو.

ان كل مسلم اخو المسلم وان المسلمين اخوة. (مستدرك حاكم طبري ابن اسحاق)

سڀڪو مسلمان ٻئي مسلمان جو ڀاءُ آهي مسلمان پاڻ ۾ سڀئي ڀائر آهن.

ارقاءكم ارقاءكم اطعموهم مما تاكلون واكسوهم مما تلبسون. (ابن سعد)

جي اوهانجا غلام آهن (اهي غلام آهن) مگر جو اوهين کائو کائو اهو انهن کي به کارايو جو لباس اوهين پهريو انهنکي به پهرايو.

ودماء الجاهلية موضوعة وان اول دم اضع من دماءنا دم ابن ربيعة بن الحارث (بخاري - مسلم - ابو داود)

جاهليت واري وقت جا سڀئي رت (يعني انتقام خون) باطل ڪيا وڃن ٿا ۽ سڀ کان پهرين (پنهنجي خاندان جو خون) ربيع بن حارث بن عبدالمطلب جي رت جو خون باطل ٿو ڪريان.

وربا الجاهلية موضوع واول ربا اضع ربانا ربا عباس بن عبدالمطلب.
(مسلم، ابو داؤد)

جاهليت جي زماني جو سود وياج باطل ڪيو ويو آهي. سڀ کان پهرين پنهنجي خاندان جو وياج يعني عباس ابن عبدالمطلب جو وياج باطل ٿو ڪريان.

فاتقوا الله في النساء
(مسلم، ابو داؤد)

زالن جي معاملي ۾ خدا کان ڊڄو.

ان لكم علي النساءكم حقا ولهن عليكم حقا.
(طبري ابن هشام)

زالن جو توهان تي حق آهي ۽ توهان جو زالن تي حق آهي.

ان دماءكم واموالكم عليكم حرام كحرمة يومكم هذا في شهركم هذا في بلدكم هذا الى يوم تلقون ربكم.

توهان جو خون ۽ توهان جو مال قيامت تائين اهڙي طرح محترم آهي جهڙي طرح اڄ جو ڏينهن هن محترم مهيني ۾ محترم شهر ۾ قابل احترام آهي خداوند عالم هر حقدار جو حق مقرر ڪري ڇڏيو آهي ڪنهن وارث کي وصيت ڪرڻ جو (هرو ڀرو) ضرورت نه آهي.

الولد للفراش وللعاهر
الحجر و حسابهم علي الله من
ادعي الي غير ابيه وانتمي
الي غير مواليه فعليه لعنة الله

اولاد انهيءَ آهي جنهن
جي بستري تي ڄائو آهي.
زنا ڪاري لاءِ پٿر آهي
جنهن جو حساب خدا جي
اڳيان آهي جو پنهنجي پيءُ
کان علاوه ٻئي جي نسب
هيٺ جي دعوا ڪري ۽
۽ پنهنجي مالڪ کان سوا
ٻئي جي طرف پاڻ کي منسوب
ڪري ته انتي خدا جي
لعنت آهي.

الا لا يحل لامرءة ان
تعطي من مال زوجها شيئا
الا باذنه الدين مقضي والعارية
مؤداه والمنحة مردودة والزعيم
غارم (سنن ابن ماجه)

زال کي پنهنجي مرد جي
مال مان بغير اجازت ڪو ڪل جي
ڪجهه ڏيڻ جائز نه آهي.
قرض ادا ڪيو وڃي وقتي
ورتل شئي واپس ڪجي.
عطيه موٽائي ڏجي. ضامن
تاوان لاءِ ذميوار آهي.

انتم مسئولون عني فما
انتم قائلون.

توهان کان منهنجي متعلق
سوال ڪيو ويندو ته اوهين
ڇا چوندا؟

ماڻهن چيو ته بيشڪ اوهان خدا جو پيغام اسان تائين
پهچائي ڇڏيو. حضور جن آسمان جي طرف آڱر سڌي

ٽي دفعا فرمايو اللهم اشهد خدايا گواهه رهجو مون پيغام پهچائي ڇڏيو. منيٰ جي ميدان ۾ پاڻ جيڪو خطبو ارشاد فرمايو اٿن جو هيءُ درج ڪجي ٿو

ان الزمان قد استدار كهيئته يوم خلق الله السموٰت والارض السنة اثنا عشر شهرا منها اربعة حرم ثلاثة متواليات ذو القعدة، ذو الحجة ومحرم ورجب شهر مضر الذي بين جمادي وشعبان فان دماءكم واموالكم واعراضكم عليكم حرام كحرمة يومكم هذا في شهركم هذا في بلدكم هذا الا لا ترجعوا بعدي ضلالا يضرب بعضكم رقاب بعض وستلقون ربكم فيسئلكم اعمالكم.

(روايت ابو بكره)

ابتدا ۾ جڏهين خداوند عالم آسمان ۽ زمين کي پيدا ڪيو هو سو وقت ڦري گهري اچي انهي نقطي تي اچي ويو آهي سال جا ٻارهن مهينا آهن جن مان چار مهينا قابل احترام آهين. ذي القعد، ذالحج، محرم، توهانجو خون توهانجو مال آبرو اهڙي طرح محترم آهي جهڙي طرح هي ڏينهن هن مهيني ۽ هن شهر ۾ محترم آهي. هاڻ مون کان پوءِ گمراهه نه ٿجو هڪ ٻئي جا ڪنڌ لاهي نه وجهجو اوهان کي خدا جي سامهون حاضر ٿيڻو آهي اهو اوهانجي اعمالن جي پڇا ڪندو.

(روايت ابو بڪره)

الا لا يجني جان الا لا يجني
جان على او ولده ولا مولود
على والده الا ان الشيطان
قد ايس ان يعبد في بلدكم
هذا ابدا ولكن ستكون
له طاعة فيما تحقرون من
اعمالكم فسيرضى به.
(ابن ماجه - ترمذي)

هاڻ مجرم پنهنجي گناه
جو پاڻ ذميدار آهي. پيءُ
جي گناه جو پٽ ذميدار
نه آهي. پٽ جو پيءُ
جوابدار نه آهي. هاڻ شيطان
مايوس ٿي چڪو آهي
هاڻي او هانجي هن شهر ۾
انجي پوڄا قيامت تائين نه
ٿيندي. البت هلڪين
هلڪين ڳالهين ۾ او هان
انجي پيروي ڪندا هو
خوش ٿيندو.
(ابن ماجه ترمذي)

اعبدوا ربكم وصلوا
خمسكم وصوموا شهركم
واطيعوا اذا امركم تدخلوا
جنة ربكم.
(مستدرك حاكم)

پنهنجي پروردگار جي
عبادت ڪريو پنجن وقتن
جي نماز پڙهو. رمضان
المبارڪ جا روزه رکو
پنهنجي احڪامن جي اطاعت
ڪريو ته خدا جي جنت
۾ داخل ڪيا ويو.
(مستدرڪ حاكم)

هي فرمائي پاڻ ڪريمن مجمع جي طرف اشارو ڪري فرمايو الا هل بلغت (ڇا! مون الله جو پيغام پهچائي ڇڏيو) سڀني چوڻ لڳا هائو، فرمايائون اللهم اشهد (الله منهنجا اوهان شاهد رهجو) پوءِ ماڻهن جي طرف مخاطب ٿي فرمايائون فيبلغ الشاهد الغائب جي ماڻهو هن وقت موجود آهن اهي ٻين کي پهچائين جي هن وقت موجود نه آهن حج آخرين جي موقعه تي رسالت مآب جيڪي تقرير ۾ فرمايو آهي اهي اوهانجي اڳيان آهن هڪ ٻه دفعا نه ڪيترائي دفعا پاڻ حاضرين کان دريافت فرمايائون ته اسان احڪام الاهي اوهان تائين پهچائي ڇڏيا يا نه؟ سڀني متفق آواز ۾ اقرار ڪيو. انهن تقريرن ۾ تعليم السلام جو پورو بيان اچي ويو آهي. هاڻ فرمايو ته اها ڪهڙي ڳالهه رهجي وئي آهي جنهنجي پهچائڻ لاءِ الله تعاليٰ ايترو تاڪيد فرمائي رهيو آهي.

# ڇا خليفهٔ رسول حڪومت

## کان سواءِ خليفو نه آهي؟

ڪن ماڻهن جو نظريو آهي ته خليفو اهو ٿي سگهي ٿو جو حڪومت رکي وهي ۽ جيڪي صاحب حڪومت ٿي ويٺا آهن سڀئي اسلامي خليفا آهن. حضرت علي (عليہ السلام) به جي آنحضرت صلعم کان بعد خلافت تي وهي ها ته انکي خليفه بلافصل قبول ڪرڻ ۾ ڪنهن کي به اعتراض ڪونه ٿئي ها.

انهيءَ نظريه کي نگاهه ۾ رکي خلافت جي تشريح ڪرڻ ضروري آهي جنهن مان سمجهڻ ۾ آساني ٿئي ته منصب خلافت ٻي شي آهي ۽ حڪومت ٻي شي.

خلافت جي مختصر سمجهاڻي هيءَ آهي ته رسول ڪريم صلعم کان بعد سندن جانشين اوصاف نبويءَ جو حامل هجڻ گهرجي. صفت موصوف هجي جنهنکي ڏسندي هرڪو محسوس ڪري ته بيشڪ نبي ڪريم صلعم جو حقيقي وارث آهي. شريعت محسوس ڪري ته انجو مبلغ موجود آهي، اسلام سمجهي ته انجو محافظ رواق پذير آهي، قرآن معلوم ڪري ته انجو حامل ۽ حقيقي ترجمان ۽ مفسر موجود آهي.

اهڙن حقيقتن تي غور ڪرڻ سان معلوم ٿي سگهندو ته خلافت ماڻهن جي عطا ڪيل عهدي جو نالو نه آهي

ٻيو خداداد روحاني علم جو عهدو آهي جو مالڪ حقيقيءَ جي طرفان ان شخص کي عطا ٿيو آهي جنهنکي خالق مطلق مخلوق جو هادي ۽ رهبر مقرر ڪري. اهو خداداد علم آهي جنهنجي حامل کي قدرت خليفي جو لقب عطا ڪيو آهي. ماڻهن کي ان عهدي ۾ هٿ چراند ڪرڻ جو ڪوبه حق نه آهي. ماڻهو ٻنهين رائن ۽ ووٽن کي جنهنکي به مقرر ڪندا سو گهڻي ۾ گهڻو ٻو يزيد امت سڏائڻ جو حقدار آهي. اهو ماڻهن پنهنجي ووٽن کي چونڊيل عهديدار جو لقب ٻو يزيد امت جي پدران خليفو رکيو جنهن جو ڪين ڪوبه اختيار نه هو. چاڪاڻ ته اهو عهدو علم الاهيءَ سان تعلق ٿو رکي ۽ ماڻهو اهو علم آڻين ڪٿان جو سندن چونڊيل عهديدار کي ڏين.

انهيءَ مفهوم جي اعتبار سان اگر امير المؤمنين علي ابن ابيطالب عليه السلام جي شخصيت کي نظر ڪجي ته سندن زندگيءَ جي ڏور ۾ ٻاڻ خليفه رسول آهن، گوشي اٿين هجن خواه حڪومت جا مالڪ هجن. ڪنهن کي به طاقت نه آهي جو حضرت علي عليه السلام کي ان حقيقي خلافت کان علحده ڪري سگهي.

اهو خداداد علم هر نبيءَ جي وصي ۽ ولي کي نبيءَ جي موجودگيءَ ۾ ئي عطا ٿيل آهي، نه نبيءَ کان بعد.

حضرت سليمان عليه السلام نبي هو ۽ آصف برخيا سندن وزير ۽ وصي هو. آصف برخيا حضرت سليمان نبيءَ جي موجودگيءَ ۾ بي بي بلقيس جو تخت دور دراز پنڌ کان اک ڇنڀ ۾ آڻي پنهنجي علم جو ثبوت ڏنو. (ڏسو قرآن شريف)

عليٰ هذا القياس حضرت علي عليه السلام نبي ڪريم صلعم جي موجودگيءَ ۾ ائين سج کي پلٽائي علمي طاقت جو ثبوت ڏنو ته وصي رسول ۾ ڪيترو علم هجڻ ضروري آهي. سورج کي پلٽائڻ جو ثبوت تفسيرن ۽ ڪتابن ۾ به موجود آهي ۽ گذريل ميلاد النبي جي جلسي ۾ آغا پير علام محمد صاحب به عام مجمع ۾ اهو ذڪر ڪيو هو.

ان مان سمجهڻ گهرجي ته پيغمبر صلعم جا اوصيا سڀ علم الاهيءَ جا حامل آهن. يزيد کي اگر مسلمان خليفه رسول تسليم ڪيو هو ۽ حضرت امام حسين عليه السلام کي مسلمانن خليفه رسول يا امام ڪري نه ڪونه ٿي مڃيو پر يزيد جي بيعت نه ڪرڻ ڪري واجب القتل ٺهرايو ۽ سندن شهادت کان پوءِ نيزي جي نوڪ تي قرآن پڙهي علم امامت جو ثبوت ڏنو ۽ خلق خدا کي هدايت ڪئي ته علم امامت جا حامل اسين آهيون.

ساڳي طرح پيغمبر صلعم جو ٻارهون خليفو حضرت امام محمد مهدي عليه السلام جنهن بابت شيعن ۽ ڪن سني صاحبن جو عقيدو آهي

۽ پردهء غيب ۾ آهن ۽ ڪن مسلمانن جو عقيدو آهي
ته جيئدا نه آهن. سڌي ڪيئن سڀڪو امام محمد مهدي
(عليه السلام) تون پڌائي سگهندا ته اوهو مسلمانن جي
وڏن سان امام ٿيندو يا علم امامت جو حامل هوندو.

هاڻي غور ڪريو ته جڏهن ٻارهون جانشين نبي ڪريم
صلعم جو وڏن کان سواءِ قدرت جي طرفان امامت
جي عهده تي فائز آهي تڏهن باقي ١١ کي وڏن جو
کهڙو ضرور آهي. اوهي ۽ ٻارهن امام والڳو علم الاهيء
جي خلعت سان آراسته آهن ۽ اهي ئي رسول ڪريم
صلعم جا جانشين من جانب الله آهن.

خادم الملت ، ميوه خان





# اورنگزيب جون پڇاڙيون وصيتون

شاهه اورنگزيب مرڻ کان اڳ جيڪي پڇاڙيون وصيتون ڪيون هيون جي ڪتاب وقائع عالمگير ۾ جهڙيءَ ترتيب ۽ بندش چوڙدي لڌي. احمد صاحب سنڌيلوي هي شايع ڪيون آهن. چوڙدي صاحب جي عبارت ٽهل سرورق ۾ موجود آهي. ان ۾ لکيو. وقائع عالمگير يعني حضرت اورنگزيب سلطان هند عالمگير عليه الرحمه جون وقائع زندگي جي خطن ۽ مستند مورخن جي روايات سان ڀريل آهن جن مان انهن حقيقي ڪتابن، رواداري، عمل جوئي ۽ شرايع مذهبيءَ جو ڪافي ثبوت ملي ٿو ۽ نهايت درايت ۽ تحقيقات سان جمع ڪيا ويا آهن.

## آخري وقت جون وصيتون، اصل عبارت فارسي ۽ سنڌي ترجمه

(۱)

آن که اين عاصي غرق معاصي
را الحيف و الفريش بر آرامد
مطهره مقدسه حسين عليه السلام
بپوشاند که مغرقان بحار عصيان
را بغير از التجا به آن درگاه
مرحمت و غفران پناه نيست

وصيت (۱)

مون گنهگار جي تجهيز
۽ تڪفين خاڪ شفا حضرت
امام حسين عليه السلام سان
ڪئي وڃي يعني ڪربلائي
ڪفن ڏنو وڃي ۽ صرف
خاڪ شفا قبر ۾ رکي وڃي

و مصالح این سعادت عظمی
نزد فرزند ارجمند باشد
شهزاده عالیجاه است بگیرند.

چونکه انهن ماڻهن لاءِ جي
گناهن ۾ ٻڏل آهن سواءِ
الهي عفو ڪو به چارو نه
آهي نه رحم جي طمع ۾
پناهه وٺڻ. ان سعادت عظمىٰ
جو سامان شهزاده عاليجاه
وٽ آهي ان کان ورتو
وڃي يعني ڪربلائي ڪفن
۽ خاڪ شفا جن لاءِ وصيت
ڪئي وئي آهي سي
شهزادي وٽ آهن.

(۲)

آن که چهار روپیه و دو
آنه از وجه کلاه دوزی نزد
آنه بیگم محلدار است بگیرند
و صرف کفن این بیچاره
نمایند و سه صد و پنج روپیه
از وجه کتابت قرآن در صرف
خاص است روز وفات
بفقرا بدهند از این راه که زر
کتابت قرآن فرقه شیعه حرمت

وصيت (۲)

چار روپيه ٻه آنه مون ٽوپيون
سبي جمع ڪيا آهن جي
محلدار آنه بيگم وٽ جمع آهن
ان کان اهي روپيه وٺي
منهنجي ڪفن ۾ خرچ ڪجن
ان کان سواءِ ٽي سو پنج
روپيه مون قرآن پاڪ جي
(لکائي) مان جمع ڪيا
آهن اهي منهنجي موت
جي ڏينهن غريبن ۾ تقسيم
ڪيا وڃن ڇو ته ڪتابت

داود بکفن و یا محتاج صرف
کند .

(۳)

باقی ما یحتاج از وکیل
اد شاه زاده عالیجاه [illegible]
که وارث قریب در اولاد
ایشان [illegible] و ملت و [illegible]
[illegible] ایشان اسب [illegible]
چاره باز پرس [illegible]
که مرده بدست زنده .

(۴)

آن که این سرگشته و [illegible]
راهی را سر [illegible] دفن
کند که هر گناه گاری
روزگار را که سر [illegible]
اد شاه عظیم الشان [illegible]
[illegible] خواهد گردد .

قران جي اجرت فرقہ شمع جي
نزديڪ حرام آهي الڪري
مدهه جي ڪفن لاءِ خرچ
[illegible] ڪما وڃن .

## وصيت (۳)

وڌيڪ ضروري [illegible]
شاه زاده عالي جاه جي
وڪيل ڪان ورتيون وڃن
جو [illegible] مهجي اولاد مان
اوهوڻي [illegible] اولاد آهي
۽ جائز يا ناجائز جو اوهو
[illegible] آهي . آءُ ان
جو [illegible] آهيان جو ته
مرده بدست زنده .

## وصيت (۴)

هن گناهگار کي ڪلي
سر دفن ڪيو وڃي جو ته
گناهگار تباه روزگار متي
اگهائي شهنشاه حقيقي
خداوند تعالى جي اڳيان
وڃي تو ته ضرور قابل رحم
ٿي پوي ٿو .

(۵)

آن که براي من صندوق تابوت پارچه سفيد گنده که گوي گويند پوشش نمايند و از شاعران مجتهدان مولودي احتراز کنند.

وصيت (۵)

منهنجي صندوق تابوت تي مٿان واري چادر ڪاڪي جي ڪپڙي سان نه ڪيا وڃن ۽ شاعرن ۽ مولود خواني ۽ گوين جي بدعت کان احتراز ڪيو وڃي.

(٦)

آن بر والئي ملک واجب است که با خانه زادان بي سرو پاک همراه اين عاصي در دور دراز دشت و صحرا گشته اند مدارات نمايند و اگر تقصيري از اينها واقع شود بعفو جميل و صفح جزيل مکافات فرمايند.

وصيت (٦)

والي ملڪ کي گهرجي ته منهنجا خاص رفيق جن سان گڏ ريگستان، بيابان ۽ صحرا جون مصيبتون سهندا رهيا هوا تن سان مدارات ڪئي وڃي ۽ انهن کان تقصير ٿي وڃي ته معاف ڪري ڇڏجي.

(٧)

بر پسران هرگز اعتماد نکنند و طور مصاحبت و زندگي نمايند اگر اعلي حضرت با ايشان شکوه چمن سلوک نمي کردند کار باين

وصيت (٧)

ڪڏهن به پنهنجي پٽن تي ڀروسو ڪرڻ نه ڪجي ۽ انهن سان گهراڻي ۽ بي تڪلفي جو برتاءُ نه ڪجي. جي خلد آشيان حضرت

جانبی و سید و کاملۀ الملک
عقیده همیشه مدنظر باید داشت.

شاه جهان اهڙو بندوبست
دارا شڪوه سان نه ڪري
ها ته معاملات جي صورت
هرگز اهڙي نه بنجي ها
جهڙي پيش آئي. ملڪ
جي هر اوز ڪي مدنظر
رکڻ کپي.

## (۸)

آن که بهتر از ایرانی
برای متصدی گری دیگری
نیست و در جنگ هم از
عهد حضرت جنت شمالی
تا حال احدی ازین فرقه
از معرکه گریز و گردان نه
شده و پای استقامت ایشان
نه لغزیده مهذا گاهی
خود سری و حرام نمکی نه
کرده اند لیکن چون بسیار
عزت طلب اند باین ها ساختن

## وصيت (۸)

ايرانين کان بهتر منشي
جو ڪم ڪرڻ وارو ٻيو
ڪابه قوم نه آهي. جنگ
۾ به انهن جو اهو ئي حال
آهي. جنت خلد آشيان حضرت
شاه همايون جي زماني کان
اڄ تائين انهن قدم ڪڏهن
به جنگ ۾ نه اکڙيا ۽
نه ڪڏهن انهن کان خود
سري ۽ حرام لوڻي ظاهر
ٿي آهي. ليڪن هي ماڻهو
چاهين ٿا ته انهن سان عزت

بسیار مشکل حال باید ساخت
که جدار دیگر نباید کرد.

(۹)

آن که فرقه طورانی
سپاهی مقرر اند برای
تاخت و تاراج و شب خون و
بندی کردن خوب اند از
برگشتن در عین جنگ، که
بر جمعه نیز بار کشی اسب و
وسواس و هراس و عجالت
ندارند چهل مرکب هندستان
زادان که سواره و لیکن
جانور اصد مرحله دور اند
به هر حال این جماعت را مهل
سلامت بباید داشت که این
مرد مرکب رومی آنند که دیگری
بکار نمی آیند.

جو برتاءُ کیو وڃي ان
کري الهن سان ليائ
ذرو مشکل آهي. مگر
هر حالت ۾ نپاهڻ کپي ۽
انهن جي دلجوئي ڪرڻ کپي.

وصيت (۹)

طوراني قوم جا ماڻهو
هميشه سپاهي پيشه آهن.
حملو ڪرڻ ۽ شب خون
مارڻ ۽ دشمن کي گرفتار
ڪرڻ ۾ اهي ماڻهو وڏا
ماهر آهن. جڏهن جنگ
جي وقت ۾ الهنڪي پٺ
ڏي هٽڻ جو حڪم ڏنو
وڃي ته به بغير شرم اچڻ
يا ڪرڏ جي حڪم جي
تعميل ڪن ٿا ۽ اهي ماڻهو
هندستان جي انهيءَ
بيوقوفيءَ کان ڪوهين جا
ڪوه پري آهن جي
سمجهندا آهن ته سر ڪٽجي
وڃي ته پاي ڪٽجي وڃي مگر

[illegible] مان [illegible]. ان قوم تي هر طرح مهرباني ڪرڻ کپي ڇو ته اهي ماڻهو اهڙن موقعن تي اهڙا ڪم اچن ٿا جهڙا ٻيا نه اچي سگهندا.

(١٠)

آن كه با سادات لازم السادات حسب آيه وات ذا القربي حقه عمل بايد نمود. در احترام و رعايت قدر و گذاشت نبايد كرد از اين راه كه بموجب آيه كريمه قل لا اسئلكم عليه اجرا الا المودة في القربي محبت اين جماعت اجر نبوت است هرگز مقصر نبايد شد كه ثمره دنيا و آخرت است ليكن با سادات باید در كمال احتياط بايد نمود در محبت باطني قصور نبايد كرد وبحسب ظاهر مراعات اين

## وصيت (١٠)

سادات ڪرام سان چڱو سلوڪ ڪرڻ کپي جنهن قرآن ۽ رسول خدا جي حڪم ٿيو آهي ته قريبي رشتيدارن کي انهن جو حق ڏيو. انهن جي عزت ۽ اڪرام ۽ قدر و گذاشت نه ڪرڻ کپي، ڇو ته آيه مودة موجب انهن سان محبت ڪرڻ خاتم المرسلين جي رسالت جو معاوضو آهي. انهن جي محبت جو دنيا ۽ آخرت ۾ ثمر ملندو. ليڪن سادات سان انتها درجي احتياط سان ورتاءُ ڪرڻ کپي. محبت

ها نمايد افزوده که شريک
غالب ملک طالب ملک است اگر اندک
استخوانی عنان شد ندامت
خواهد شد.

(١١)

آنکه تا مقدور والئي
ملک خود را از حرکت
معاف ندارد و از نشستن
در يک مکان که در ظاهر
صورت آرام و در واقع
منجر به هزار مصيبت و آلام
است محترز باشد.

(١٢)

عمده رکن السلطنة
اطلاع اخبار ملکي است و
غفلت يک لحظه باعث
ندامت سالهائي درازمي

باطني ۽ احترام قلبي ۾ ذره
برابر قصور ۽ ڪمي نه ڪجي
مگر ظاهر طور انهنکي آزاد
نه ڇڏڻ گهرجي ورنه
پنهنجي حد کان تجاوز
ڪري ويندا ۽ پوءِ ندامت
حاصل ٿيندي جو خطره آهي
جو ته اهي طالب ملک ۽
شريڪ غالب آهن.

وصيت (١١)

جيتري قدر ممڪن
هجي بادشاه کي دوره ۾
ڪوتاهي ڪرڻ نه گهرجي.
انکي هڪ جاء تي ويهڻ نه
گهرجي جنهن مان ظاهر هن
کي آرام مليتو ليڪن انجو
اثر اهو ٿئي ٿو جو هزارن
مصيبتن ۾ گرفتار ٿي ويتو.

وصيت (١٢)

سلطنت جي مضبوطي
جو دارومدار ملک جي
خبرن جي اطلاعن تي موقوف
آهي، ملکي خبرن کان

گردد که مقدر. گریختن
سوائے مشهور غفلت شد و تا
آخر عمر همان سرگردانی
بخت بود بعد مبارک. اثنا
عشر اختتام اسرار وارده
رحمت گمراه شد.
گردد نفسی بود الحسرت بوس
اگر غافل شدی افسوس
افسوس.

هڪ لحظہ غفلت ڪرڻ جو
نتيجو سالن جي ندامت جو
سبب آهي. شهزادي جو پنهنجي
وقت انهي غفلت جو نتيجو
هو جنهن ڪري آخر عمر تائين
سرگرداني ۽ مصائب جو
آماجگاهه بڻيل آهي. آءٌ انهن
ٻارهن وصيتن کي عدد
مبارڪ اثنا عشر (ٻارهن)
تي ختم ڪريان ٿو. جيڪي
انهن تي عمل ڪندو ته
انهي جو عقل ۽ سمجهه چڱي
طرح قائل رهندي. پر جي
غفلت ڪئي ته سڄي
عمر افسوس رهندو.

المترجم

محمد هاشم عرف ميوو خان







هيءُ ڪتاب مضا (اليڪٽرڪ) پرنٽنگ پريس
قاضي عبدالقيوم روڊ، ويسٽ ڪچا حيدرآباد
سنڌ ۾ ڇپيو.

سيٺ حاجي محمد جعفر رحمة الله ۽
سيٺ حاجي امام بخش حسينعلي کواجه زميندار
ڇراڻي مرپو بلوچي مان شايع ڪيو.